## ضابطو:

بولٽن 500 ملي لٽر ي ا ڊريم يا يونٽ پلس يا ڪيپيٽل پلس ايڊر پلس، ايگري فاس يا ڪائونٽر پلس، ڊيلٽا ڪنگ يا ڊيلٽا+ٽراءِ زوفاس 500 ڪان 600 ملي لٽرفي ايڪڙ يا پروايڪسس 100 ملي لٽ ر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.
لشڪري : (Armyworm) ميچ يا ليچ يا ليوفيوران يا انڊيڪس200ملي لٽر في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي

## نقصانڪارجيتن کي ختم ڪرڻ لاءِ خاص مرڪب ٺاهڻ جو طريقو

**نم جي ميدي جو ڳار** نم جون سڪل نموريون صاف ڪري، ڪُٽي، سنهڙو ميدو يا ٻورو ٺاهجي. ان 3 ڪلو گرام ميدي ۾ 50 گرام سرف يا ڪپڙا ڌوئڻ واري صابڻ جو ٻورو يا چورو ملائي، ململ جي ڪپڙي ۾ ٻڌي، 5 لٽر گرم پاڻي ۾، گهٽ ۾ گهٽ 16 ڪلاڪ ٻوڙي رکجي. ان ڪان پوءِ چڱيءَ طرح نپوڙي، ڳار تيار ڪري، ان ۾ ايترو وڌيڪ پاڻي ملائجي، ته جيئن هڪ ايڪڙ ۾ ڦوهارو ڪري سگهجي.
نم جو تيل استعمال ڪرڻ سڪل نموريون گڏ ڪري، گهاڻي يا مشين ۾ پيڙائي، تيل ڪيرائي، 750 سي سي يا ملي لٽر (منو لٽر) تيل ۾، هڪ چمچو سرف پائوڊر ۽ پوءِ ايترو پاڻيءَ ملائجي، ته جيئن هڪ ايڪڙ ۾ ڦوهارو ڪري سگهجي.
**تماڪ جا پن استعمال ڪرڻ** هڪ پاءُ (250 گرام) تماڪ جا سڪل پن، 4 لٽر پاڻي ۾ 12 ڪلاڪ پسائي، پوءِ ڪپڙا ڌوئڻ واري صابڻ جا 30 گرام، گرم پاڻي ۾ ڳاري، ٻئي ڳار ڪپڙي ۾ ڇاڻي، پاڻ ۾ ملائي، ان ڳار ۾ ايترو پاڻيءَ ملائجي، ته جيئن هڪ ايڪڙ ۾ ڦوهارو ڪري سگهجي.
**اڪ جو استمال** ڪرڻ سڪل اڪ کي ڪپي ٽڪرا ڪري 2.5 ڪلوگرام اڪ ۽ هڪ عدد ننڍي ٽڪي ڪپڙن ڌوئڻ واري چورو ڪري 5 ليٽر پاڻي گرم ڪري انهي ۾ 16 ڪلاڪ پسائي رکو بعد سنهي ڪپڙي ۾ ڇاڻيو ۽ ڇٽيل ڳار ۾ضرورت مطابق پاڻي ملائجي، ته جيئن هڪ ايڪڙ ۾ ڦوهارو ڪري سگهجي.
**صابڻ جو ڳار استعمال ڪرڻ** في ايڪڙ لاءِ 500 گرام ڪپڙن ڌوئڻ وارو صابڻ گرم پاڻي ۾ ڳاري، ضرورت مطابق پاڻي ملائي، فصل تي ڦوهارو ڪجي.جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل سڀني طريقن تي چڱي طرح عمل ڪرڻ سان نقصانڪار جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين تي ظابطو ممڪن آهي، پر جيڪڏهن ان جي باوجود به نقصان اقتصادي حد تائين پهچي وڃي، ته پوءِ مجبوريءَ واري حالت ۾، سنڌ حڪومت جي زراعت کاتي سان لهه وچڙ ۾ اچي، زرعي زهر استعمال

## ڦٽي جي چونڊ ڪرڻ جو طريقو

ڦٽي جي چونڊ لاءِ خاص خيال رکڻ گهرجي ته سونگٽي مان ڪپهه پوري طرح سان چونڊجي.
خراب ڦٽي کي سٺي ڦٽي سان گڏ نه ڪجي اگهه گهٽ ملندو جڏهن جهولي پرجي وڃي ته ان کي خراب جڳهه تي نه لاهجي جيئن ڪپهه جو اگهه گهٽ ملندو.
گوگڙو پوري طرح ڦٽي وڃي ته ان ڪان پوءِ چونڊ ڪجي,ڦٽي جي چونڊ ڪرڻ محل خاص خيال رکڻ گهرجي ته ووئنٽن جون ٺاريون ٽٽي نه سگهن.
برسات جي موسم ۾ ڦٽي جي چونڊ جلد ڪان جلد ڪجي جيئن ڦٽي خراب نه ٿئي.
ڪجھ زميدار جلدي سان چونڊ نه ٿا ڪرائين ان ڪري ڦٽي خراب ٿئي ٿي ۽ گوگڙن جو تعداد گهٽ ٿي وڃي ٿو